SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1991

# SINDH ACT NO.V OF 1991

# سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 1991

# THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ACT, 1991

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of W.P Act XXXIV of 1964

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act XV of 1975

4. 1991 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance III of 1991

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 1991
# SINDH ACT NO.V OF 1991
# سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 1991
# THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ACT, 1991

[13 جون 1991]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۽ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۽ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي دفعه 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of W.P Act XXXIV of

2. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 جي دفعه 12 ۾:

(i) ذيلي دفعه (2) کانپوءِ، هيٺين نئين ذيلي دفعه شامل ڪئي ويندي:

"(2_A) ذيلي دفعه (1) تحت واجب الادا محصول تي هڪ سرچارج پندرنهن پئسا في 40 ڪلوگرام جي حساب سان اوڳاڙي ويندي، جيئن سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 تحت جوڙيل ڪائونسلز تحت هلندڙ واٽر سپلاءِ ۽

| | |
|---|---|
| ڊرينيج اسڪيم جي خرچن کي منهن ڏئي سگهجي.“؛<br>(ii) ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظ ”محصول“ ۽ لفظ ”واجب الادا“ وچ ۾ لفظن ”۽ سرچارج“ کي شامل ڪيو ويندو. | 1964 |
| 3.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 جي دفعہ 8 ۾:<br>(i) ذيلي دفعہ (1) کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:<br>”(1_A) ذيلي دفعہ (1) تحت واجب الادا محصول تي هڪ سرچارج پنجاهہ پئسا في 100 ڪلوگرام جي حساب سان ڪائونسلز تحت هلندڙ واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج اسڪيم جي خرچن کي منهن ڏيڻ لاءِ اوڳاڙي ويندي.“؛<br>(ii) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن ۽ انگ ”ذيلي دفعہ (1) تحت في“ لاءِ لفظ ”في ۽ سرچارج“ متبادل بڻايا ويندا.<br>(iii) ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظن ”في ۽“ لاءِ لفظ ۽ ڪاما ”في، سرچارج ۽“ متبادل ٿيندا. | 1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم<br>Amendment of section 8 of Sindh Act XV of 1975 |
| 4.سنڌ ماليات (ترميم) آرڊيننس، 1991 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.<br><br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | 1991 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance III of 1991 |